# سنڌي ادب ۾ تحقيق جا طريقا ۽ تنقيد جا رجحان

## The Research Method and Critic Trends in Sindhi Literature

ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي

**Abstract:**

The meaning of word research is "to investigate thoroughly" the multiple quarries. It is the scientific and systematic investigation of pertinent information or the specific topic. Both investigative and critical elements are essential features in a research work; specially in the literary field.

In literature various methods are of critical approaches are applied to attain research objectives covering different social aspects of literary investigation.

To pursue the research in literature, it requires deep insight and immense concentration on the part of the Researcher. It becomes highly exertive when it is to the poetry of classical poets. Specially those who has Portrayed the religio-political and Socio-economic and different aspects of the society in his poetry and prose. Who has smartly depicted all the colours of life in his creativity.

سنڌي ادب ۾ تحقيق ۽ تنقيد جا مختلف طريقا ۽ رجحان نظر اچن ٿا، خاص طرح سان جڏهن اهي سمورا تحقيقي طريقا ۽ تنقيدي لاڙا سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي لاڳو ڪجن ٿا.

جهڙوڪ: سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي تحقيقي اڀياس وارو موضوع پنهنجي تاجي پيٽي ۾ وڏي بَر ۽ ٿَر وارو، گهڻ رخو ۽ گهڻ رنگو، ڳوڙهو ۽ چيڙهو گوناگون موضوع وارو آهي، ان ڪري جو سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پاندار ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام سنڌ جي مڙني اساسي شاعرن کان وڏيڪ رنگ ورنو آهي. ان ۾ سنڌي سماج جا سمورا اڳوڻا ۽ هاڻوڪا عڪس پنهنجي سموري سونهن ۽ سندرتا سان ڳر ڪنيو بيٺا آهن. ان ۾ سنڌي سماج جي هر سطح جا عورتاڻا توڙي مرداڻا ڪردار پنهنجي سماجي زندگيءَ

جي هلچل ۾ اعليٰ نموني رڌل ۽ ڀرپور نموني متحرڪ ٿي ڪري جيئڻ جا جتن ڪندي نظر اچن ٿا.

شاھہ عبداللطيف ڀٽائي سترهين- ارڙهين صديءَ واري سنڌ جي هڪ وڏي اڪابر ۽ اساسي شاعر جي حيثيت ۾ سندس ڪلام سنڌي سماج جي هر سطح تي وڏي پذيرائي ماڻي چڪو آهي. هُن جي زندگيءَ ۽ ڪلام تي علمي تحقيق ۽ تنقيد سؤ ورهيہ کان بنا ڪنهن وٿيءَ جي، ٿي رهي آهي، اجا ڪيترين صديون اها تحقيق جاري رهندي.

## سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي تحقيق جا طريقا ۽ تنقيد جا رجحان:

شيخ عزيز پنهنجي هڪ مقالي "تحقيق ڪيئن ڪجي" ۾ شاھہ لطيف تي تحقيق ڪرڻ بابت لکي ٿو تہ

"شاھہ صاحب جي زندگي ۽ ڪلام تي ريسرچ گهڻو ڪري 'لائبريري ريسرچ' سان ناتو رکي ٿي." (عزيز 1995ع: 164)

ريسرچ جي معنيٰ 'ور- ور ڏئي ڳولهڻ- ڦولڻ' (Re-Search) آهي. شاھہ عبداللطيف جي ڪلام تي تحقيق ڪرڻ واري علمي ڪم سان اهائي حقيقت لاڳو ٿئي ٿي. هِن گهڻ رُخي اساسي شاعر جو ڪلام فلسفي وانگر ڳُوڙهو ۽ انيڪ ورن وارو معنيٰ دار آهي ۽ هر پيڙهي سندس ڪلام جي اُپياس مان نئون سُرور ملي ٿو ۽ نئين معنيٰ سمجھہ ۾ اچي ٿي. ڪتاب 'تحقيق جو طريقي ڪار' ۾ شيخ عزيز هڪ مقالي ۾ شاھہ لطيف تي تحقيق جي وسيلن بابت لکي ٿو تہ

"لائبريري ريسرچ ۾ گهڻو ڪري سموري تحقيق، ڪتابي مواد، صدري روايتن، قلمي نسخن جو مطالعو ڪري، پيٽي نتيجا ڪڍڻا پون ٿا." (عزيز 1995ع: ص 164)

هتي صدري روايتن مان مطلب ۽ مراد شاھہ لطيف جو اهو ڪلام جيڪو سنڌ جي مختلف قبيلن جهڙوڪ: جتن وٽ لکت واري صورت کان سواءِ سيني بہ سيني محفوظ آهي.

جهڙوڪ: هي بيت جيڪو ڪنهن بہ قلمي رسالي ۾ موجود ناهي پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شاھہ عبداللطيف تي ڪيل سچي تحقيق ۾ رڳو اهوئي هڪ

بيت صدري روايت وارو آهي، جنهن جي آڌار تي هو مير عبدالحسين سانگيءَ جي روايتن جي آڌار تي جوڙيل سوانح ۾ ان ڳالهه کي ريٽي ۾ رد ڪري ٿو تہ، "ڪو شاهه لطيف، شاهه حبيب جو وفات مهل اتي موجود نہ هو."

اوٺي اُڀرا ٿيا، ٻيٺا تنگ ڪشين،
ڪڇن پڇن ڪينڪي، ورندي وات نہ ڏين،
لاکيڻا لطيف چئي، ٿا منجهئون لوڪ لڏين،
نيڻ نماڻا ڪڍيو، هنجهون ٿا هارين،
سي جنگ جواب نہ ڏين، ڪنهن ڏاڍي ڪيف ڪڪوريا.
(بلوچ، 2009ع: ص 20)

شيخ عزيز وڏيڪ لکي ٿو تہ:

"هتي علمي ريسرچ آهي، تنهنڪري اهي نتيجا صرف علمي تحقيق جي طريقي سان ئي ڪڍيا" . (عزيز، 1995ع: 175)

محقق شيخ عزيز، ريسرچ لاءِ لفظ "تحقيق" ڪتب آندو آهي، جڏهن تہ سنڌي ٺُڙ لفظ 'کوجنا' وڌيڪ موزون ۽ بهتر لڳي ٿو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو تحقيق بابت بهتر لفظ ڳوليندي لکي ٿو تہ:

"سنڌيءَ ۾ ويچاهڻ تحقيق کي چئجي ٿو جڏهن تہ ٻيو لفظ "وِنڊ" جي معنيٰ آهي، ڪوٺي ڪوٺي نئين ڳالهه معلوم ڪرڻ" . (ٻوهيو، 1990ع: 12)

سڄي دنيا جي ادبي اتهاس ۾ شاعريءَ جي وڏي اهميت رهي آهي. شاعريءَ کي آڳاٽي دور ۾ الهامي ۽ اجوڪي دور ۾ نِج ادبي لکٽي واري اهميت ۽ حيثيت حاصل رهي آهي. هر دور جي وڏن شاعرن کي پنهنجن پنهنجن سماجن ۾ قومي اڪابرن ۽ فلاسفرن جي حيثيت حاصل رهي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي ڪتاب، 'ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ' ۾ لکي ٿي تہ:

"هڪ تاريخدان سڀني واقعن جو پابند هوندو آهي، جڏهن تہ شاعر خاص واقعن کي عمومي ۽ آفاقي بنائي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ شاعر بہ هڪ فلسفي وانگر ڪائناتي صداقتن جي ڳولا ڪري پوءِ انهن کي پيش ڪندو آهي.

ارسطوءَ جي نظر ۾ شاعريءَ جون خصوصيتون هي آهن:

❖ عظيم شاعري آفاقي، ڪائناتي ۽ همہ گير صداقتن واري هوندي آهي.

❖ ان سبب شاعريءَ جي اپيل بہ آفاقي ۽ ڪائناتي هوندي آهي ۽ اها زمان ۽ مڪان جي پابند ڪانہ هوندي آهي.

❖ شاعريءَ ۽ فلسفي ۾ ڪوبہ تضاد ڪونهي جو ٻنهي جو مقصد ڪائناتي صداقتن جي ڳولا هوندو آهي." (فهميده، 2011ع: ص 45-46)

ڊاڪٽر غفور ميمڻ ڪتاب، 'جديديت پڄاڻان' ۾ 'ساختيات' (Structuralism) واري ادبي اصطلاح جي حوالي سان شاهہ عبداللطيف ۽ سندس ڪلام بابت لکي ٿو تہ:

"عملي طور شاهہ عبداللطيف هر نئين ساخت ۽ پراڻي ساخت کي علامت بنائي شاعريءَ ۾ اظهاري ٿو. ان کان علاوه صوفي مت مرڪز مائل نظريو آهي، جيڪو دائمي صداقت جو متلاشي آهي." (ميمڻ، 2016ع: ص 90)

دنيا جي هر آفاقي شاعر جي تخليق هر دؤر جي ادبي نظرين جي 'پرک' تي پوري لهندي آهي. اهو بلڪل ائين آهي جيئن سون پنهنجي نَنڍي کان نَنڍي ذري جي تور تڪ واري پَرکَ جي آڌار تي سون ئي ثابت ٿيندو آهي.

تحقيق: "تحقيق عربي لفظ آهي، ان جي معنيٰ آهي اهڙو طريقو يا مطالعو اختيار ڪرڻ، جنهن سان ڪنهن باري ۾ ۽ ڪنهن سوال جي حقيقت يا سچ تائين پهچي سگهجي يا ڪنهن شيءِ جو اصل معلوم ڪري سگهجي يا ڪنهن شيءِ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي." (ٻوهيو، 1990ع: ص 10)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، تحقيق (Research) بابت وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"تحقيق جي معنيٰ آهي ڪنهن امر کي ايترو يقيني بنائڻ جو اُها ڪنهن بہ شڪ کان مٿي هجي، ۽ انهيءَ طرح لازمي بنجي وڃي جو ان تي يقين ڪرڻو ئي پوي." (ٻوهيو، 1990ع: ص 9)

هن دور ۾ سمورا علم، سائنس بڻجي ويا آهن ۽ ان کي بنيادي طرح سان ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي، ‘قدرتي سائنس’(Natural Science) ۽ ‘سماجي سائنس’ ((Social Science) انهن ٻنهي سائنسن جا اڄوڪي دؤر ۾ بہ وري ٻيا ڪيترا بنيادي شعبا - ڀاڱا ۽ حصا آهن.

مشهور طبعيات جي ماهر سائنسدان آئن اسٽائن (Einstein) ۽ انفيلڊ (Infield) سائنس جي اصليت کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

“سائنس، انساني ذهن جي اهڙي ڪوشش آهي، جنهن جي مدد سان ماحولياتي دنيا ۽ انسان جي خيالات جي دنيا جي وچ ۾ موجود لاڳاپو معلوم ڪري ٿو سگهجي. سائنس جي دنيا جا سڀ بنيادي خيال، انهيءَ ڊرامائي ٽڪراءَ جي ڪري پيدا ٿيا آهن، جيڪو اصل حقيقت (Reality= محض سچ) ۽ سچ کي معلوم ڪرڻ جي انساني جدوجهد جي وچ ۾ پيدا ٿيو آهي.” (ٻوهيو 1990ع: ص 18)

تحقيق، هڪ سائنسي علم آهي، جيڪو رٿابندي سان ئي ممڪن نتيجا ڏئي سگهي ٿو ان جون ڪيترين ئي وصفون آهن، جن مان بہ هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) “تحقيق انهيءَ خبرداريءَ سان اختيار ڪيل (Careful) تنقيدي جستجوءَ (Critical Enquiry) آهي، يا انهي پرک يا ڇڪاس (Examination) جو نالو آهي، جيڪا اصولن ۽ حقيقتن کي ڳولي ڏيڻ ۾ مدد ڪري ٿي يا تحقيق ان دماغي ۽ عقلي تلاش کي ٿو چئجي جيڪا ڪنهن شيءِ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اختيار ڪئي وڃي.” (ٻوهيو 1990ع: 64)

(2) تحقيق جي علم جي انيڪ وصفن مان هڪ مختصر پر جامع تعريف هن ريت آهي تہ:

“تحقيق ڪنهن مضمون يا مامري جو باقاعدي ۽ باضابطي (Systematic) اڀياس ڪرڻ جو نالو آهي.” (ٻوهيو 1990ع: ص 64)

الهداد ٻوهيو پنهنجي ڪتاب ‘علم تحقيق’ تي ان جا ٽي بنياد ٻڌائيندي لکي ٿو تہ:

“هنن بنيادن تي ٽي ڳالهيون تحقيق جي سوال تي پڪيون آهن:

1. تحقيق جا مقصد (Objectives)

2. تحقيق جا طريقا (Methods)
3. تحقيق جا وسيلا (Sources) (ٻوهيو 1990ع: ص 16)"

ڪاب تحقيق، مقرر مقصد، خاص تحقيقي طريقن ۽ تحقيق جي وسيلن کان سواءِ ممڪن لاڀ ۽ نتيجا نٿي ڏئي سگهي، انڪري تحقيق جي هڪ مقرر موضوع تي گهربل طريقن ۽ وسيلن ذريعي مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## 1. تاريخي ۽ ادبي تحقيق (Historical and Literary Research):

هن قسم جي تحقيق ۾ تاريخ ۽ ادب جي لاڳاپي ۽ تعلق کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. اهڙي تحقيق دنيا ۾ ويدن ۽ يوناني ادب جي شهپارن اليڊ ۽ اوڊيسي تي اڳي ئي ڪيل آهي. ان کان علاوه 'ڪولن رينفرو' جو قديم آثارن ۽ ٻولين تي ڪيل تحقيق تي آڌاريل ڪتاب 'Archeology and Languages'، 'رشيد ملڪ' جو ڪتاب 'انڊالاجي' ۽ 'ڊاڪٽر غفور ميمڻ' جو ڪتاب 'سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر' به ان قسم جي تحقيق جا مثال آهن.

ريسرچ واري انهيءَ طريقي کي اختيار ڪندي، شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ تاريخ جي ماهرن، اشارن ۽ علامتن کي تحقيقي مقالي ۾ سموهي سگهي ٿو.

دنيا جي هر لقاءَ ۽ تبديليءَ ۾ تاريخ جي محرڪ قوتن جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ پنهنجي ڪتاب "تحقيق جو فن" ۾ تاريخي تنقيد بابت لکي ٿو ته:

### i. تحقيق جو تاريخي طريقو:

هن طريقي ۾ ماضيءَ جا واقعات، عمل ۽ ادارن جي تاريخ جو اڀياس ڪيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڪري ئي ان کي تاريخي طريقو چوندا آهن. تاريخي طريقي جي استعمال جو جواز اهو آهي ته اڄڪلهه جيڪي رسمون ۽ رواج، رهڻي ۽ ڪهڻيءَ جا جيڪي طريقا معاشري ۾ ملن ٿا تن جو بنياد ماضيءَ ۾ هوندو آهي." (پناڻ 2007ع: ص 71)

ڊاڪٽر عبدالستار دلوي، ڪتاب "تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول" ۾ لکي ٿو ته:

"تاريخي تحقيق مڪمل طور تي عمرانيات (Ethics) جي پيداوار آهي." (دلوي، 2006ع: ص 32)

**ii. ادبي تحقيق جو طريقو:**

اها اهڙي تحقيق آهي، جيڪا ادبي شهپارن جي خوبين ۽ خامين جي ڇنڊڇاڻ سان گڏ مجيل ادبي نظرين ۽ لاڙن تي آڌاريل هوندي آهي.

ڊاڪٽر دلوي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"ان ۾ حالتن جو سلسليوار جائزو ورتو وڃي ٿو ۽ ڪنهن شيءِ جي وڪاس (ترقيءَ) جي هر ممڪن صورت وسيلي هڪ مڪمل عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي." (دلوي، 2006ع: ص 32)

**2. وضاحتي ۽ تجزياتي تحقيق (Descriptive and Analytical Research):**

اهڙي قسم جي وضاحتي - بياني ۽ تجزياتي تحقيق، سنڌ ۾ ويجهڙائي ۾ ڪيل وڏي اشاعتي رٿا واري آهي، جيڪا "شاهہ جي ڪلام ۽ شاهہ جي رسالي واري ڪلام" جي عنوان سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪيل آهي. هن تحقيق ۾ عوامي لوڪ روايتن واري ادبي، تحقيقي سلسلن کي بہ نظر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ حقيقي ۽ اصلي ڄاڻ (Fact Finding) بہ حاصل ڪئي ويندي آهي. اهڙي قسم جي تحقيق جا مثال 'سراج الحق ميمڻ' جو تحقيقي ڪتاب 'سنڌي ٻولي'، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' آهي. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد جي ڇنڊڇاڻ ڪندي اڳل - آڳاٽي سنڌ - يورپي (Prot-Indo European Languages) ٻولين جي 'بُڻ' (Root) تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي.

**3. عملي ۽ بنيادي تحقيق (Applied and Fundamental Research):**

عملي ۽ بنيادي تحقيق جو مقصد اوچتو آيل سماجي مسئلن تي هوندو آهي ۽ جڏهن تہ بنيادي تحقيق جو دارومدار عام طرح سان سماجي گروهن (Social Groups) ڄاڻ تي هوندو آهي، اها ان "گروهي ڄاڻ لاءِ ڄاڻ" (Gathering Knowledge for Knowledge) واري تحقيق آهي، انهيءَ ڪري ان جو نالو

'نج' (Pure) ۽ 'بنيادي' (Basic) تحقيق چيو ويندو آهي. دنيا ۽ سنڌ ۾ اهڙي تحقيق سنڌ جي مختلف سماجي گروهن جي ٻولين ۽ ڪِرت تي ڪيل آهي، جهڙوڪ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ڪتاب، 'جتڪي ٻولي'، محمد سومار شيخ جو ڪتاب، 'سنڌ جا زيور'، 'چيتن ماڙيوالا' جو ڪتاب 'سنڌ جا واپاري' ۽ جان ڪوليئر جو ڪتاب 'آمريڪا جا سنڌي' ۽ اهڙا ٻيا ڪتاب آهن.

شاهه لطيف يا اهڙن ٻين ڪلاسڪي/اساسي شاعرن تي تحقيقي مقالي جوڙڻ لاءِ محقق 'عملي ۽ بنيادي تحقيق' واري طريقي مان به لاڀ پرائي سگهي ٿو. شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ اهڙي گروهي چاڻ صوفي يوگين، ڏوٽي، آهيڙي ۽ مالوند-سانگي لوڪن جي معاشي چُرپُر ريتن ۽ رسمن ۾ نظر اچي ٿي.

## 4. مقداري ۽ معياري تحقيق (Quantitative and Qualitative Research):

هن تحقيقي ڪم ۾ مقدار (Amount) ۽ معيار (Standard) جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، اها تحقيق انهن ٻنهي ڳالهين جي گڏيل اپياس جو نالو آهي، جيڪو سچائي (Truth) ۽ مشاهدي (Observation)، تقابلي (Comparison) ۽ تجربي (Experiment) واري مطالعي تي آڌاريل هوندو آهي. تحقيق جي ان طريقي هيٺ مقصدي (Objective) ۽ تنظيمي (Systemic) نتيجو ڪڍيو ويندو آهي.

(الف) ويجهڙائي ۾ اهڙي تحقيقي ڪم جو مثال، شاهه عبداللطيف جي پنجاهه قلمي رسالن وارن نسخن تي ڪيل تحقيق مٿان آڌاريل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ترتيب ۽ تحقيق ڪيل 'شاهه جو رسالو' آهي، ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ تحقيقي ڪم ۾ معيار (Quality) تي ڌيان ڏنو آهي، نه ڪي مقدار (Quantity) تي. جڏهن ته عملي مقدار تحقيق وارو فقير امداد علي سرائي جو ڪتاب 'املهه اڻ توريا' ۽ 'قدم ڪاپڙين جا' حميد آخوند جو ڇپرايل شاهه جو ڪلام 'گنج' ۽ سنڌ ۾ مختلف جڳهن تي موجود 'گنج' رسالا قلمي ۽ ڇاپي نسخا، ان جو مثال آهن. انهن ٻنهي قسم جي علمي ڪمن تي سنڌ جي ادبي ۽ علمي سٿن پاران تنقيد به ٿيندي رهي آهي. اهڙي تنقيد جو مثال محمد حسين 'ڪاشف' جو ڪتاب 'شاهه جو ڪلام مقدار يا

معيار‘ آهي ۽ ٻيو مثال سليم پٽو لطيفي جو ڪتاب ’ڇپيل شاهه جي رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس‘ آهي.

(ب) ماضيءَ ۾ اهڙي نثراڻي ڪم جو مثال سنڌ جي لوڪ ادب جي مختلف صنفن تي آڌاريل 40 لوڪ ادب جا ڪتاب آهن. جن مان اُٽيتاليهه ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ۽ هڪ ڪتاب ’ٻيلاين جا ٻول‘ زيب ادبي مرڪز ڇپرايو آهي. هن تحقيقي ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران مقدار ڪي نظر ۾ رکيو ويو آهي ڇو تہ اهو لوڪ ادب آهي، جنهن ۾ مقدار ڪي اهميت حاصل هوندي آهي نہ ڪي معيار ڪي.

ڪوبہ محقق پنهنجي تحقيقي مقالي جوڙڻ لاءِ شاهه عبداللطيف جي ٻنهي: معياري ۽ مقداري رسالن ۽ شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي آڌاريل سمورا گنج شريف استفادي هيٺ آڻي سگهي ٿو.

**5. تصوراتي ۽ مشاهداتي تحقيق (Conceptual and Empirical Research):**

تصوراتي ۽ مشاهداتي تحقيق ڪجهہ تجريدي (Abstract) خيالن واري نظريي تي ٻڌل هوندي آهي. اهڙي تحقيق گهڻو ڪري فلاسفر ۽ اڪابر ڪنهن آڳاٽي نظريي ۾ واڌ يا ڪنهن نئين نظريي کي حاصل ڪرڻ ۽ جوڙڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. مشاهداتي تحقيق (Empirical Research) مشاهدي ۽ تجربي تي آڌاريل هوندي آهي. انهيءَ وسيلي محقق حقي جاڻ (Fact Finding) وسيلي ڪو مفروضو (پانيو) (Hypothesis) ڏيندو آهي. ’تصوف تي مطالعي‘ (Conceptual Study) ۽ ’مشاهداتي مطالعي‘ (Empirical Study) وسيلي انهيءَ پانئي (مفروضي) کي هٿي ڏئي ثابت ڪيو ويندو آهي.

اهڙي تحقيق، نظريي جي آڌار تي سنڌ ۾ ڪيل تحقيقي ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سراج الحق ميمڻ جا سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت جوڙيل مختلف نظريا ۽ پروفيسر محرم خان جي مقالن جو مجموعو ’سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري‘ (آڳاٽو دؤر) اڇي وجن ٿا.

ان کان پوءِ پروفيسر تهمينہ مفتي ۽ آغا سليم جا شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر ۽ فلسفي تي لکيل مقالا ’شاهه لطيف جو فلسفو‘ ۽ ’لات جا لطيف جي‘ شامل آهن.

تخليق ۽ تنقيد (Creation and Criticism):

تخليق ۽ تنقيد ٻئي هڪٻئي جا پڙجهلا آهن. ڪنهن بہ تخليق جو هر پهلوءَ ۽ هر رُخ کان جائزو وٺڻ، اُن جي سچي تاجي پيٽي کي ڦلوري تند تند توري تڪي ڏسڻ جو نالو تنقيد آهي.

ان بابت ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي ڪتاب، "ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ" ۾ لکي ٿي تہ:

"ڪوبہ فن تخليق ڪندڙ تخليقڪار(Creative Artist) هوندو آهي، جنهن ۾ تخليقي صلاحيت، بنيادي شيءِ هوندي آهي، تربيت ۽ سکيا اُن کي چمڪائي صحيح نموني پيش ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. سندس تخليقي صلاحيت ترڪيبي (Synthetic) هوندي آهي ۽ تنقيدي صلاحيت کي تجزياتي (Analytical) چيو ويندو آهي." (فهميده، 2011ع: ص 23)

ڊاڪٽر فهميده حسين تنقيد کي هڪ سائنسي علم قرار ڏيندي لکي ٿي تہ

"تنقيد جو فن بہ هڪ قسم جي سائنس آهي، جنهن سان ڪنهن ادب پاري جي مختلف عنصرن جي تجزياتي ڇنڊڇاڻ ڪري، انهن جي افاديت کي اُجاگر ڪري انهيءَ جو مُلهہ ڪٿي سگهجي ٿو." (فهميده، 2011ع: ص 23)

ڊاڪٽر فهميده حسين تخليق ۽ تنقيد جي پاڻ ۾ اڻ ٽُٽ لاڳاپي بابت لکي ٿي تہ:

"تخليقي ادب جو واڌارو ۽ ترقي، تنقيد جا محتاج آهن ۽ تنقيد وري خود بہ تخليقي جوهر جي محتاج هوندي آهي." (فهميده، 2011ع: ص 23)

تنقيدي ادب پنهنجي جوهر ۾ پاڻ تخليقي عمل آهي، جيڪو ادب جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو. اهڙي موٽ واري ادبي اظهار جنهن کي تنقيد چئجي ٿو ڊاڪٽر فهميده حسين ان کي تخليق قرار ڏيندي لکي ٿي تہ:

"ڪنهن بہ تخليقي فن تي تنقيد ڪرڻ بذات خود هڪ تخليقي عمل آهي ۽ تنقيدنگار بہ هڪ تخليقڪار ٿئي ٿو." (فهميده، 2011ع: ص 23)

هڪ اعليٰ محقق جي تحقيق ۽ تنقيد ۾، ترڪيب ۽ تجزيي وارا ٻئي خاص عنصر شامل هوندا آهن. ان هوندي بہ رٿابندي موجب هڪ جامع ۽ گهڻ رُخي تحقيق

واري مقالي جوڙڻ لاءِ هيٺ ڄاڻايل تحقيقي طريقن ۽ تنقيدي رجحانن کي اهڙي اعليٰ ۽ وسيع دائري واري تحقيق اندر آندو ويندو آهي.

”سنڌي ادب ۾ تنقيد جا ڪيترائي رجحان رائج آهن, جن مان ڪجهہ رجحانن کي محقق پنهنجي مقالي جوڙڻ لاءِ ڪتب آندو آهي.“

### 1. تنقيد جو جامع رجحان (Comprehensive Trend of Criticism):

نقاد جي اها ڪوشش هوندي آهي تہ ڪوبہ تنقيدي پهلو رهجي نہ وڃي. انهيءَ تنقيد هيٺ ڪنهن لکڻي ۽ شهپاري جي معيار جي هر پاسي تي جامع تبصرو ڪيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ:

”تنقيد جي هن جامع رجحان موجب, ڪنهن تخليقڪار جي تخليق جو چڱيءَ ريت مطالعو ڪري ان تي تنقيدي تبصرو ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي (جامع) تشريح ڪئي ويندي آهي, فن پاري جون نہ فقط خوبيون ۽ خاميون بيان ڪيون وينديون آهن, پر فيصلو بہ صادر ڪيو ويندو آهي.“ (سنڌي, 2006ع: ص 40)

سنڌ ۾ اهڙي تنقيد جو مثال هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو شاهہ جي رسالي تي لکيل تنقيدي مضمون ’مقدمہ لطيفي‘ آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا حمل فقير, ميين شاهہ عنات جي ڪلام, خليفو نبي بخش قاسم جي رسالن تي لکيل مقدمہ انهيءَ تنقيدي مثال جا نمونا آهن.

### 2. روشن دماغيءَ جي ترغيب ۽ تحريڪ (Enlightmen and Stimulation Trend of Criticism):

تنقيد جي هن طريقي موجب نقاد, تخليق جو تجزيو ڪندو آهي ۽ ان جي مختلف نُڪتن ۽ خيالن جي اپٽار ڪندو ويندو آهي. ان مان مستقل ۽ دائمي نوعيت وارن نڪتن جي مقصد جي تشريح سان گڏ پنهنجو تبصرو بہ ڏيندو آهي. ان ريت تخليق جا ڳجها پهلو ظاهر ڪندو آهي ۽ ظاهر پهلو روشن ٿيندا ويندا آهن. ان ريت اهڙي تخليق تي ٿيل اها تنقيد پڙهي اصل تخليق کي پڙهڻ جو عام ماڻهن ۾ ذوق ۽ شوق وڌندو ويندو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اهڙي تنقيد بابت لکي ٿو تہ:

"اسان جي محققن ۽ اديبن مختلف شاعرن جو ڪلام سهيڙي ڪري، ان جي مُنڍ ۾ جيڪو ڪجھ (مقدمو) لکيو اٿن، اهڙو تبصرو ان تنقيد ۾ شامل آهي." (سنڌي، 2006ع: ص 46)

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙن تنقيدنگارن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڄيٺمل پرسرام، علامہ دائودپوٽي جا نالا نروار آهن. ان ڏس ۾ هُو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"شاهہ لطيف اهڙي تنقيد جو مثال رسول بخش پليجي جي شاهہ لطيف تي لکيل مقالن جو مجموعو "تنين ماڻڪ ميڙيا" آهي. "هن قسم جي تنقيد کي ڊاڪٽر بلوچ اوج تي رسايو آهي." (سنڌي، 2006ع: ص 41)

## 3. منصفاڻي تنقيد وارو رجحان (Trend of Judicial Criticism):

اها تنقيد، اصل ۾ انصاف واري رجحان تي آڌاريل آهي، جنهن ۾ تنقيد جا ڪي اصول مقرر ڪري ڪنهن تخليق کي تنقيد هيٺ آندو ويندو آهي. اهڙي تنقيد، معروضي حالتن تي آڌاريل هوندي آهي. سنڌ ۾ ويجهڙائي ۾ ٿيل اهڙي نظرياتي ڪشمڪش واري تنقيد، ان ۾ شامل آهي. سنڌ ۾ غلام محمد 'گرامي' جي تحرير 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحان' رسول بخش پليجي جي تحرير 'سندي ذات هنجن' ۽ قربان علي بگٽيءَ جا تنقيدي مضمون، اهڙي تنقيد جا مثال آهن.

## 4. تاريخي تنقيد وارو رجحان (Historical Trend of Criticism):

تنقيد جي ان طريقي هيٺ نقاد ڪنهن تخليق کي تاريخي پسمنظر ۾ ڏٺو ۽ پرکيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هر سرجڻهار ۽ تخليقڪار پنهنجي دؤر جي معروضي حالتن کان ضرور متاثر ٿئي ٿو ڀلي ڪٽي اهو ڪو 'صوفي لاڪوفي' فرد ئي ڇونہ هجي، هُن کي پنهنجي سماج جي سُک، سَهنج، ترقي، واڌاري ۽ سُڌاري جو اونو رهي ٿو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو چوڻ آهي تہ:

"سنڌ ۾ اهڙي تنقيدي اپياس تي تمام گهڻو زور ڏنو پيو وڃي تہ سنڌيءَ جي قديم شاعرن جو هن نموني جائزو پيش ڪيو وڃي پر افسوس جو هن پاسي تمام گهٽ توجهہ ڏنو ويو آهي." (سنڌي، 2006ع: ص 43)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اهڙي قسم جي تنقيد بابت لکي ٿو تہ:

"سنڌي ادب ۾ اهڙي تنقيد جا مثال سورلي جي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب، 'شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ' ۽ جي.ايم.سيد جو ڪتاب 'پيغامِ لطيف' آهي، جڏهن تہ 'خليفي صاحب جو رسالو' ۽ 'حمل فقير جو ڪلام' تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تنقيد ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو سهيڙيل ڪتاب 'ڪلام بشير' ۾ قادر بخش 'بشير' جي شاعريءَ تي تنقيد بہ انهيءَ قسم جي تنقيد جا مثال آهن." (سنڌي، 2006ع: ص 43).

بنيادي طرح سان اهڙي نموني شاهہ لطيف تي لکيل تنقيدي ڪتاب 'پيغامِ لطيف' ۾ شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ هُن کي سنڌ جي 'سماجي سائنسدان' (Social Sciencetist) جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن مقالي لکڻ ۾ محقق بہ ساڳيءَ ريت قديم ۽ جديد اتهاسي دورن جي حوالي سان شاهہ لطيف جي سماجي سائنسدان طور'ڏاهپ' (Wisdom) ۽ 'سبند' (Commitment) جو تجزيو پيش ڪيو آهي.

### 5. سائنسي تنقيد وارو رجحان (The Trend of Scientific Criticism):

تنقيد جو اهو طريقو رچرڊ مولٽن پنهنجي ڪتاب 'سائنسي تنقيد جا اصول' ۾ پڌرو ڪيو آهي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ان بابت رچرڊ مولٽن لاءِ لکي ٿو تہ،

"هن جو خيال آهي تہ تخليق کي خامين ۽ خوبين جي آڌار تي جانچڻ بدران اُن کي ڪنهن مادي شيءِ جيان پرکبو آهي. تنقيد جي انهيءَ طريقي موجب ان جي پرک جا معيار بعد ۾ جُڙندا آهن." (سنڌي، 2006ع: ص 42)

هن قسم جو تنقيد نگار ڪوبہ فيصلو نٿو ڏي ۽ رڳو تخليق جو تجزيو پڙهندڙن آڏو آزاد نموني پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي راءِ موجب، هن قسم جو تنقيدي طريقو اسان وٽ رائج نہ ٿيو آهي، البت ڪڏهن ڪڏهن افسانوي ادب تي ڪي صاحب اهڙي تنقيد لکي ويندا آهن، جڏهن تہ اسان وٽ اهڙي تحقيق جو مثال، ڊاڪٽر الهہ داد ٻوهئي جي تحقيق، 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج' ۽ ڊاڪٽر احسان دانش جو ڪتاب 'شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج' جي صورت ۾ موجود آهن.

**6. جمالياتي تنقيد رجحان (Aesthetic Trend of Criticism):**

هن تنقيدي لاڙي کي 'آسڪروائلڊ' همٿايو اهڙي قسم جي نقادن جو چوڻ آهي تہ ڪنهن تخليق جي پڙهڻ سان ڪيتريقدر حِظ ۽ لطف حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪيترو ڪيف ۽ سُرور ملي ٿو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تنقيد جي اهڙي جمالياتي تنقيدي لاڙي بابت لکي ٿو تہ،

"هن رجحان جا حامي جماليات مان مراد رڳو سونهن نٿا وٺن. ايلئٽ جي راءِ آهي تہ اها هڪ سونهپ (خوبصورتي) ۽ ڪوجهائپ (بدصورتيءَ) جي وچ واري اعتدالي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ ٻنهي ۾ توازن هئڻ ضروري آهي". (سنڌي، 2006ع: ص 43)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "جماليات کي سنڌي ادب جو ٽيون بنيادي قدر ڄاڻائي ٿو ۽ 'خلوص' کي پهريون قدر ۽ صداقت ۽ حقيقت ۽ حقيقت پسندي کي ٻيو ادبي قدر ڄاڻائي ٿو." (ميمڻ، 2006ع: ص 21)

اهڙي لکڻين واري تنقيد شاهہ لطيف جي ڪلام تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقالن ۾ نظر اچي ٿي، جيڪي ويجهڙائيءَ ۾ محمد علي مانجهي مرتب ڪري 'شاهہ عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون' جي نالي سان ڪلچرل ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ پاران ڇپرايا آهن. ان کان علاوه ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جو شاهہ لطيف تي لکيل تحقيقي ڪتاب 'شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات' بہ اهڙي نموني واري تنقيد جو مثال آهي.

### 7. تنقيد جو علامتي رجحان (The Trend of Symbolical Criticism):

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو ڪتاب 'شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري' ۾ لکي ٿو ته.

"علامت نگاري، ادب جو اهو اظهاري وسيلو آهي، جنهن ذريعي شاعر ۽ قاريءَ جي وچ ۾ معاهدي مطابق هڪ خاص مقصد لاءِ اڻ سڌا لفظ، علامتي ۽ اصطلاحي اظهار لاءِ جائز سمجهيا ويندا آهن." (سڌايو 1992ع: ص 48)

انهيءَ قسم جي تنقيد نگارن مان ڪن جو خيال آهي ته:

"ڳالهه سڌي سنئين نه پر ڪن علامتن ذريعي بيان ڪئي وڃي." (ميمڻ، 2006ع: ص 45)

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو ڪتاب "شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ" بابت لکي ٿو ته:

"هُن (شاهه لطيف) جو گهڻو تڻو ڪلام آفاقي علامتن تي مشتمل آهي." (سڌايو 1992ع: 100)

ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪتاب "شاهه لطيف جي شاعريءَ" ۾ لکي ٿو ته:

"هُن جون ڪهاڻيون ۽ ڪردار رڳو انسان نه آهن، پر ان ڪان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتون آهن." (عباسي، 1976ع: ص 122).

ڊاڪٽر سڌايو لکي ٿو ته:

"هن جي ڪلام ۾ جيڪي فن ۽ فڪر جا گهاڙيتا، فهم ۽ ادراڪ جون گهرايون لڪل آهن، سي سڀ انسان جي عملن ۽ تاريخ سان واسطو رکندڙ سچايون آهن، جن ڪي سنڌي سماج جي ناتي سان علامتن جي عمل کي سامهون رکي ڇنڊڇاڻ ڪري، سنڌي سماج جي ماضي ۽ حال جي تصوير ڏسي سگهجي ٿي." (سڌايو 1992ع: ص 102)

هتي علامت مان مقصد اظهار جو اهڙو وسيلو ۽ طريقو آهي جنهن مان ڪجهه گهڻي ۽ الڳ طرح جي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍيو وڃي.

اهڙي جذبي جي اظهار واريون لڪٽيون علامتي تنقيد جي عنوان هيٺ ليکيون وڃن ٿيون.

انهيءَ ‘علامتي رجحان تي آڌاريل تنقيد نگاري’ واري تحقيقي نظريي تي لکيل ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جا ڪتابَ ‘شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري’ ۽ ‘شاهه لطيف جو علامتي شعور’ سُٺي مثال آهن.

**8. تنقيد جو سماجي رجحان (The Trend of Social Criticism):**

تنقيد جي اهڙي رجحان تي يقين رکندڙ نقادن جي چوڻ موجب:

“اهو ادب جيڪو سماجي حالتن کان متاثر ٿي نه ٿو لکيو وڃي، اهو بي اثر ۽ بي معنيٰ آهي. انهيءَ ڪري هُو مقصديت تي گهڻو زور ڏين ٿا.” (سنڌي، 2006ع: ص 45)

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جي اثر پذيري کان پوءِ تنقيد جي سماجي رجحان جو زور وڌيو. اهڙي نقادن جو چوڻ آهي معروضي حالتون ادب تي اثر انداز ٿين ٿيون ۽ ادب پنهنجي سماج کان سڌوسنئون متاثر ٿئي ٿو. جي.ايم.سيّد جو ڪتاب ‘پيغامِ لطيف’ ۽ معمور يوسفاڻي جي ڪتاب ‘ڀٽائيءَ جو مطالعو’ جا ڪيترائي مقالا، محمد حسين ڪاشف جو ڪتاب ‘سپيتا جا سونهان’ ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو ڪتاب، ‘شاهه عبداللطيف، مدبر، معلم ۽ مهربان’ اهڙي اعليٰ تنقيد جا مثال آهن.

**9. مابعدالطبعياتي تنقيد جو رجحان(Metaphysical Trend of Criticism):**

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته:

“تنقيد جي هن معيار موجب، معياري فن پارو انهيءَ کي سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ مابعد الطبعياتي/الاهياتي جذبن ۽ خيالن جو اظهار شامل هجي.” (سنڌي، 2006ع: ص 44)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي وڌيڪ لکي ٿو ته:

“سنڌيءَ ۾ قديم شاعرن تي جيڪي مضمون لکيا ويا آهن، اهي گهڻي قدر هن نموني جا آهن.” (سنڌي، 2006ع: ص 45)

شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ تي گهڻو ڪري ان قسم جا مضمون ۽ مقالا لکيا ويا آهن، گنگارام سمراٽ جو مقالو ‘شاهه لطيف جو هندو ڪاويه’ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو ‘مقدمه لطيفي’ ۽ حڪيم نياز همايوني جو ساڳئي نموني لکيل ‘فقير

درياهہ خان ڪنڀڙي واري جو ڪلام' تي مقدمو 'جي تون پنهنجو پاڻ سجاڻين' انهيءَ قسم جي تنقيد جا مثال آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين ڪلاسيڪي- اساسي شاعرن جي 'وحدت الوجودي' صوفياڻي رمزن سان ڀرپور ڪلام تي مقالي لکڻ لاءِ مٿين سمورن تحقيقي تنقيدي رجحانن مان لاڀ پرايي ۽ گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، (2009ع): "شاهہ جو رسالو" (شاهہ جي سوانح ۽ فڪر سميت، قلمي ۽ ڇپيل رسالن سان ڀيٽيل)، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
2. ٻوهيو، الهداد (ڊاڪٽر)، (1990ع): "علم تحقيق"، حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد.
3. پٺاڻ، غلام حسين (ڊاڪٽر)، (2007ع): "تحقيق جو فن"، (ٻيو ڇاپو).
4. دلوي، عبدالستار (ڊاڪٽر)، (2007ع): "تحقيق جو فن ۽ اُن جا اصول"، حيدرآباد
5. سڏايو غلام نبي، (1992ع): "شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري"، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: شاهہ عبداللطيف، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز.
6. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد (ڊاڪٽر) (2006ع): "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" (ڇاپو ٻيو)، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
7. سيد، دُرشهوار (ڊاڪٽر)، (1995ع): "تحقيق جو طريقي ڪار"، ڪراچي: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
8. عباسي، تنوير (ڊاڪٽر)، (1976ع): "شاهہ لطيف جي شاعري"، ڪراچي: شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي.

**مقالا ۽ مضمون:**


1. عزيز شيخ (1995ع): "تحقيق ڪيئن ڪجي،" سهيڙيندڙ: سيّد، دُرشهوار (ڊاڪٽر)، "تحقيق جو طريقي ڪار"، 163-175، ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
2. فهميده حسين، (2005ع) "شاهه لطيف هڪ سماجي شاعر"، مرتب: ابڙو، آفتاب، شاهه لطيف عظيم مفڪر، 193-202، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.